# وحي جو مفهوم ۽ ان جون صورتون

## سِکيا جي حاصلات

(قرآن مجيد ۽ سنت جي روشنيءَ ۾):

- وحي جي لغوي ۽ اصطلاحي مفهوم کان واقف ٿي بيان ڪري سگھندا.
- وحي جي قسمن (وحي جلي، وحي خفي) ۽ وحي جي ضرورت ۽ اهميت کان واقف ٿي بيان ڪري سگھندا.
- وحي جون صورتون ڄاڻي بيان ڪري سگھندا.

**وحي جو مفهوم:** وحي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنھن جي لفظي معنىٰ آهي ماٺ ميٺ يا ڳجھي نموني دل ۾ ڪا ڳالھ وجھڻ، اشارو ڪرڻ. شرعي اصطلاح ۾ وحي مان مراد اهو پيغام آهي جيڪو الله تعالىٰ انسانن جي رهنمائيءَ لاءِ پيغمبرن سڳورن عليهم السلام تائين پهچايو.

**وحي جي اهميت:** وحي علم جي ذريعن مان هڪ ذريعو آهي، وحي جي ذريعي حاصل ٿيل علم يقيني هوندو آهي. سيني پيغمبرن سڳورن عليهم السلام الله تعالىٰ طرفان پهتل اهو پيغام پنھنجي اُمت تائين امانت سان پهچايو ۽ نبوت جي ذميداري نڀائي. آخري پيغمبر حضرت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ تي نازل ٿيل وحي قرآن مجيد جي صورت ۾ اسان وٽ اڄ به موجود آهي ۽ قيامت تائين موجود رهندي ۽ جيئن ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ سڀ کان آخري نبي آهن ان ڪري وحي ۽ نبوت جو دروازو به بند ٿي چڪو آهي. هاڻي جيڪڏهن ڪوبه شخص مٿس وحي جي نازل ٿيڻ يا نبوت جي دعوىٰ ڪندو ته اهو دعويدار ڪُوڙو ۽ فريبي هوندو.

وحي نبوت جي خاصيتن مان هڪ خاصيت آهي، تنھنڪري قرآن مجيد ۾ سيدنا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ کي حڪم ٿيو ته ان خاصيت بابت ماڻھن کي آگاهه ڪريو. قرآن مجيد ۾ الله تعالىٰ جو فرمان آهي: وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ﴿3﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ﴿4﴾ **ترجمو:** ۽ اهو (رسول) پنھنجي مرضي ۽ خواهش سان نه ٿو ڳالھائي، اها وحي ئي آهي جا ڏانھنس موڪلي وڃي ٿي. (سورة النجم: آيت 3-4)

هر نبي سڳورو الله تعالىٰ طرفان موڪليل وحي جي مطابق ئي ماڻهن کي هدايت ۽ رهنمائي ڪندو آهي ۽ هر معاملي ۾ الله تعالىٰ جي فيصلي جو منتظر هوندو آهي۽ هر عمل وحي جي عين مطابق ئي هوندو آهي.

**وحي جا قسم:** هڪ قرآن مجيد: جنهن کي وحي جَلي يا وحي مَتْلُوّ چئجي ٿو ۽ ٻيو حديث ۽ سُنت: جنهن کي وحي خفي يا وحي غير متلو چيو وڃي ٿو. انهن ٻنهي قسمن جي وحي کي انساني رهنمائي ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. قرآن مجيد ۽ حديث ٻئي شرعي احڪام جا بنيادي ماخذ آهن.

**وحي جون صورتون:** قرآن مجيد مطابق وحيءَ جون ٽي صورتون آهن. پهرئين صورت هيءَ آهي ته پيغمبر جي دل ۾ ڪا ڳالهه پهچائي وڃي، ٻي صورت هيءَ آهي ته پيغمبرن ڏانهن ڪنهن پردي يا اوٽ جي پُٺيان آواز اچي ۽ پيغام پهچي وڃي. ٽين صورت هيءَ آهي ته حضرت جبرائيل عليه السلام ڪنهن نبي يا رسول ڏانهن وحي کڻي اچي ۽ پيغام پهچائي.

انهن ٽنهي صورتن جو ذڪر قرآن مجيد ۾ هن طرح آيل آهي: وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ أَن يُكَلِّمَهُ اللَّهُ إِلَّا وَحْيًا أَوْ مِن وَرَاءِ حِجَابٍ أَوْ يُرْسِلَ رَسُولًا فَيُوحِيَ بِإِذْنِهِ مَا يَشَاءُ إِنَّهُ عَلِيٌّ حَكِيمٌ. (سورة الشوریٰ: آيت 51) **ترجمو:** ۽ ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ ٺيڪ ئي نه آهي ته الله ساڻس ڳالهائي سواءِ هن جي ته اشاري سان يا پردي جي پويان يا ڪنهن قاصد موڪلڻ سان (ڳالهائي) پوءِ جيڪي الله گهريو سو سندس حُڪم سان پهچائي ڏئي، بيشڪ اُهو (سڀ ڪان) مٿاهون حڪمت وارو آهي.

## مَشق

**(الف) هيٺ ڏنل سوالن جا تفصيلي جواب لکو:**

1. وحي جي اهميت بيان ڪريو.
2. قرآن مجيد جي روشنيءَ ۾ وحي جون صورتون لکو.

**(ب) هيٺ ڏنل سوالن جا مختصر جواب لِکو:**

1. وحي جي لغوي ۽ اصطلاحي معنىٰ بيان ڪريو.
2. وَمَا يَنطِقُ عَنِ الْهَوَىٰ (3) إِنْ هُوَ إِلَّا وَحْيٌ يُوحَىٰ (4) جو ترجمو لکو.
3. وحي جا قسم بيان ڪريو.

**(ج) دُرست جواب جي سامهون (✓) جو نشان لڳايو:**

1. وحيءَ جي لغوي معنىٰ آهي:

(الف) سمجهه رکڻ (ب) چاڻ ڏيڻ

(ج) طريقو اپنائڻ (د) اشارو ڪرڻ

2. قرآن مجيد ۾ وحيءَ جون ڪل صورتون بيان ٿيل آهن:

(الف) 2 (ب) 3

(ج) 4 (د) 5

3. وحيءَ جون صورتون ذڪر ڪيل آهن:

(الف) سورة القيامة ۾ (ب) سورة الرحمٰن ۾

(ج) سورة النجم ۾ (د) سورة الشوریٰ ۾

**استادن لاءِ هدايتون**

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي وحيءَ جي ڪيفيتن جي سمجهاڻي ڏين.